NTHLY WAIJ KARACHI

وِڻُ ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سَڪهو تيين (شاهہ)

ماهوار

# ويڄ

ڪراچي

95/8

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

...AZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT

ABC CERTIFIED



- ذيابيطس ۽ رمضان
- ائڊس بابت تفصيلي ڄاڻ
- موت جون نشانيون
- آنڊن جي مروڙ
- حياتياتي گائيڊيڊ ميزائيل

# وزير اعظم
# محترم بينظير ڀٽو
# جو تحفو

ننڍن هارين لاءِ آسان شرطن تي قرض جون سهولتون



زرعي ترقياتي بئنڪ جي

# ڪسان بينڪنگ

- پئداواري ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ ڊگهي ۽ مختصر مدت لاءِ قرض
- خصوصي ڪسان بئنڪنگ ڪائونٽر • مستعد ۽ خوش اخلاق عملو
- خصوصي ڪسان موبائيل ڪريڊٽ آفيسر، جيڪي هارين کي سندن دروازي تي چاڻ ۽ سهولتون پهچائيندا

**پاڪستان جي ڳوٺاڻي زندگي ۾ خوشگوار انقلاب جي علمبردار**

ڪسان بينڪنگ

ڪسان دوست — پاڪستان دوست

**زرعي ترقياتي بئنڪ پاڪستان**

# اوهان جي راءِ

# پڙهندڙن جا خط

## صحت ڪاتي جا عملدار ڌيان ڏين

تازو پرچو خريد ڪيم. هن ۾ جيڪي مضمون آهن سي سڀ پسند آيا مگر انهن جي تشريح ڪانهيءَ ڪو مڪمل علاج يا طبي مشورن جي ڪمي آهي ۽ ٿي صفحا مخصوص ڪري اوهان مريضن جي پڇيل سوالن مطابق علاج تجويز ڪرڻ ۽ عورتن ٻارن جي بيمارين متعلق ڪو تفصيلي سلسلو شروع ڪري سگهو ٿا. هن پرچي ۾ يوناني حڪيمن لاءِ به جڳهه مخصوص ڪريو ته بهتر ٿئي. هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرن کي به هن ۾ شامل ڪري رسالي کي اڃا به سگهارو ڪري سگهو ٿا. طبي ڪتابن جو ڪٿي به ذڪر ڪونهي. مضمونن ۾ ڪٿي به صحيح سڃاڻپ يا مڪمل مشورو ڪونهي. بس آخر ۾ ڊاڪٽر سان مشورو لاءِ چئي اوهان جٽڪ ڳالهه نٽائي ڇڏيو ٿا. ڪٿي به ٻهراڙي جي ڪمپائونڊر يا ڊسپينسر ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جي لاپرواهي، دوائن جي کوٽ ۽ ماهر ڊاڪٽرن جي بي رحم طبيعتن جو ذڪر ڪرڻ مناسب نه سمجهيو آهي. اسان جهڙي ٻهراڙي وارن مارو ماڻهن کي علاج جي ڪا به سهوليت ڪونهي. ٻهراڙي جون مسڪين عورتون سوين بيمارين ۾ مبتلا هجن ٿيون، پر ان جي باوجود انهن لاءِ ڪٿي به دائي يا ليڊي هيلٿ وزيٽر جو بندوبست ڪونهي. ڪيتريون عورتون ويم دوران مريو وڃن يا اپاهج ۽ دائم المريض ٿي، پيرن فقيرن ۽ جنائي ماڻهن جي وهمن ويساهن ۾ مريو وڃن. اوهان کي اهڙا مضمون ڇپڻ گهرجن جن مان گهٽ پڙهيل ماڻهو به فائدو حاصل ڪري سگهن. مون جو ڪجهه لکيو آهي منهنجي سوچ ۽ سمجهه مطابق ٻهراڙي جي رهواسي هارين، مزدورن ۽ هن صدي جي پيڙاءَ ۾ پيڙيل غريب ابوجهه عوام جي شعوري تقاضا مطابق لکيو آهي.

سنڌ جي ٻهراڙي بلوچستان، ٿر، ڪوهستان، لس ٻيلو، ۽ سنڌ جي شهر علائقن ۾ به اڃان ماڻهو وهمن وسوسن، شرڪ، قبر پرستي، جوڳين، ڀوپن ۽ نقلي پيرن فقيرن جي چڪر ۾ اچي عورتن جي "هسٽريا" ۽ ٻين مرضن کي يا نوجوانن جي ڊپريشن ٽي. بي يرقان (سائي) هيانچو وغيره لاءِ به اوليائن جي خاڪ ڏيئي جو تيل يا جنائي فقيرن جي ڌاڳي سڳي ۾ ويساهه رکي مريض کي قبر داخل ڪرايو ڇڏين. جنائي فقير ۽ مصنوعي سيد پير جيڪي وڏو مڇ ٻاهه جو ٻارائي الله تومار ڪري مريض تي لڪڻ وسائي، جن جي ڪڍڻ بهاني اڃا مرض کي وڌايو پنهنجي پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪڪڙ ڇيلا کهرائي انهي بيمار جي لاڳ (فيس) هزارين روپيه يا مال ڏڳو ڪاهيو وڃن. اڄڪلهه به ٻهراڙي ۾ اهو عام رواج آهي.

ڪٿي ڪٿي نيون ڊسپينسريون به قائم ٿيون آهن. مگر اتي ڪو به ڪواليفائيڊ



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

## ايڊيٽوريل

# وچڙندڙ مرض ۽ اسان جو معاشرو

دنيا ۾ اڄڪلهه مختلف طريقن سان هڪ انسان مان ٻئي انسان ۾ منتقل ٿيندڙ (وچڙندڙ) مرض ڪافي وڌي ويا آهن، جن مان ڪي انتهائي هاڃيڪار ۽ جان وٺندڙ به آهن ته ڪنهن علاج معالجي سان صحيح نه ٿين جوڳا به. انهن مرضن جي علاج نه، پر صرف روڪٿام جي ضرورت آهي ۽ روڪٿام لاءِ وري عام ماڻهن ۾ صحت جي سجاڳي ۽ بيمارين جي بنيادي ڄاڻ ايتري اهم آهي جيتري حياتي لاءِ هوا ۽ پاڻي. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته اها سجاڳي ڪيئن آڻجي ۽ ان لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪجن. ڇا صرف اخبارن، رسالن، ريڊيو ۽ ٽي. وي تي اشتهارن ڏيڻ ۽ مضمونن ڇپڻ سان سڄي ملڪ ۾ سجاڳي اچي سگهي ٿي. اسان وٽ خواندگي جي شرح ڇا آهي؟ ڪيترا ماڻهو لکي پڙهي سگهن ٿا؟ ڪيترا ماڻهو باقائدگي سان ٽي. وي ڏسن ۽ ريڊيو ٻڌن ٿا؟ انهن سوالن جو جواب هر فرد وٽ يقيناً الڳ الڳ هوندو پر ٿلهي ليکي ايترو چئي سگهجي ٿو ته اهي سڀئي طور طريقا مڪمل سجاڳي آڻڻ لاءِ اڻپورا آهن.

وقت جي ضرورت اها آهي ته اسان منجهان هر هڪ ان عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي سماجي ورڪر هجن يا مذهبي پيشوا، غير سرڪاري تنظيمون هجن يا سرڪاري کاتا، اجتماعي ۽ انفرادي طور جڏهن هر طبقي سان واسطو رکندڙ فرد صحت جي سجاڳي جو سنيهو ڪئي دردر نه پهچائيندو تيستائين هنن اٿر وبائن کان بچڻ ڏکيو آهي.

صحت واري عالمي اداري (World Health Organization) جي اڳ ڪٿي مطابق ايشيا ايندڙ وقت ۾ ايڊس جو جهنم بڻجي ويندو، جنهن ۾ اسان جو ديس به نمايان آهي. ان کان سواءِ ب قسم جي جگر جي سوزش جو مرض (Hepatitis - B) ته هن وقت به اسان وٽ عام ٿي چڪو آهي. انهن مرضن جي روڪٿام جو جامع سنيهو اسان پنهنجي مذهبي ۽ سماجي قدرن کي نظر ۾ رکندي ريڊيو، ٽي. وي ۽ اخبارن ۾ ڏيڻ کان به قاصر آهيون. مغربي ملڪن جي ميڊيا ته هر ڳالهه ڪليل لفظن ۾ بيان ڪري سگهي ٿي پر اسان وٽ اهو پيغام ڏاڍو مبهم طريقي سان نشر ڪيو پيو وڃي. نتيجي ۾ هر ڳالهه واضح نه هئڻ ڪري اسان جي معاشري ۾ مغرب جي ڀيٽ ۾ انهن مرضن ۾ ڦاسڻ جا وڌيڪ امڪان آهن. اسان جا نشرياتي ادارا جڏهن ايڊس لاءِ ڪا ڳالهه ڪندا آهن ته اها هميشه اڌوري هوندي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪليل پيغام بدلي مبهم ڳالهيون هونديون آهن ڇو ته اها اسان جي معاشرتي مجبوري آهي پر انفرادي طور تي اسان اهي ڳالهيون هر ڪنهن کي چڱي نموني سمجهائي سگهون ٿا ان لاءِ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سرڪاري ۽ غير سرڪاري طور تي فردن جي انفرادي تربيت ڪئي وڃي. جيئن ان مسئلي کي چڱي طرح ڦهلائڻ ۽ ماڻهن کي سڌو سنئون موت جي منهن ۾ وڃڻ کان روڪين.

اميد آهي ته اسان جي سرڪار، غيرسرڪاري تنظيمون ۽ انفرادي طور تي هر فرد ان مسئلي تي سنجيدگي سان سوچيندو ۽ بهتر قومي مستقبل لاءِ ميدان ۾ اڳتي وڌندو.

"ادارو"

# نئی انتخابی فہرست میں
# اپنے نام کا اندراج ضرور کرائیں



نئی انتخابی فہرست میں ووٹروں کے نام کے اندراج کا کام جاری ہے۔ اس مقصد کے لئے الیکشن کمیشن کا عملہ گھر گھر جا کر فارم تقسیم کر چکا ہے۔ اگر کسی وجہ سے الیکشن کمیشن کا عملہ آپ تک نہیں پہنچ سکا یا آپ کو فارم نہیں مل سکا تو ۳۱ دسمبر ۱۹۹۵ سے پہلے فارم حاصل کرنے کے لئے آپ اپنے علاقے کے ڈپٹی الیکشن کمشنر، اسسٹنٹ الیکشن کمشنر یا متعلقہ اسسٹنٹ رجسٹریشن آفیسر سے رجوع کیجئے۔

**الیکشن کمیشن کے عملے کو فارم مہیا کرنے میں تاخیر نہ کیجئے**

صحیح انتخابی فہرست کی تیاری آپ کے تعاون سے

## الیکشن کمیشن آف پاکستان

Midas

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويچ جتي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ اڻوڄهه ماڻهن کي بہ صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان هيٺ ڄاڻايل مٿن ۽ مقصدن سان "ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم" جي شروعات ڪري رهيا آهيون.

1- ڪوبہ اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويچ جون لکيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويچ کان مانوس نہ آهن يا وري لکي پڙهي ڪونہ ٿا ڄاڻن، تن کي ويچ مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪوبہ ڊاڪٽر / نرس / ڊسپينسر / شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتياز ۽ فيس جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري جو فارم ڀري اداري کي موڪلڻو پوندو. سندس ميمبر شپ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهوار ويچ جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويچ ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو / تازو ڪيو ويندو.

5- فورم جي باقائده منظم ٿيڻ کانپوءِ ميمبرن جي ساليانی گڏجاڻي پڻ سڏائي ويندي.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي تہ هيٺيون فارم ڀري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويچ : ڪمرو نمبر 53، ڦهرين ماڙ، بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي. پي. او باڪس نمبر 568، ڪراچي.

---

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

## حلف نامي تي عزم

آءُ ______________ پٽ / ڌيءُ / زال ______________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو / جي ميمبر ٿيان ٿو /ٿي. آءُ ان ڳالهہ جو اقرار ٿو / ٿي ڪريان تہ بنان ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي / ننڍائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهو تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس / پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح

---

# ذاتي تفصيل

نالو ______________ پيءُ / مڙس جو نالو ______________

ذات ______________ ڌنڌو ______________

تعليم ______________

پيون مصروفيتون ______________

ائڊريس: ______________

______________

ميمبر جي صحيح

---

نوٽ: هن فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي بہ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي نون ميمبرن جي سڃاڻپ

114. سيد نادر شاهہ پٽ حاجي حبيب شاهہ، معرفت لونگ ابڙو دڪاندار مدينہ مارڪيٽ، نوابشاهہ.
115. پرويز احمد لاڙڪ پٽ حاجي خير محمد لاڙڪ، پوسٽ ۽ ڳوٺ پنجو ديرو، وايا نئون ديرو ضلعو لاڙڪاڻو.
116. عبدالشڪور ڪلهوڙو پٽ محمد خان ڪلهوڙو، معرفت وتايو فقير ميڊيڪل اسٽور قبہ اسٽاپ پوسٽ ڏڪاڻو بوزدار، تعلقو ٽنڊوالهيار.
117. محمد اڪرم شيخ پٽ شمس الدين شيخ، معرفت ٽاپ اسٽيچ ٽيلر ريشم گهٽي لاڙڪاڻو.
118. هوش محمد ڇڄڙو پٽ منظور علي ڇڄڙو ڳوٺ ۽ پوسٽ آفيس ڇڄڙا تعلقو قمبر علي خان ضلعو لاڙڪاڻو.
119. ڊاڪٽر امتياز علي ڪلوڙ پٽ محمد دائود ڪلوڙ، ڪلوڙ هائوس، ڪلوڙ محلو نزد سنڌ پنجاب گڊس ٽرانسپورٽ پنو عاقل سٽي ضلعو سکر.
120. ڊاڪٽر انيلا دائود پوٽو ڌيءَ محمد هاشم دائود پوٽو حيدرآباد.
121. مس نرگس ميمڻ ڌي محمد عرس ميمڻ، معرفت اختر علي ميمڻ، وارڊ نمبر ۴، ميمڻ محلا نزد پوسٽ آفيس بدين.
122. امتياز احمد پٽ الله بخش چنا، معرفت پٽائي ڪلينڪ وليد محلو، لاڙڪاڻو.
123. اخلاق احمد پٽ نجم الدين آگرو، هيرآباد ميڊيڪل سينٽر جيل روڊ هيرآباد، حيدرآباد.
124. ڊاڪٽر سريش ڪمار پٽ سپنو مل گهر نمبر بي / 333 سونارڪي گهٽي لاڙڪاڻو/ پٽائي ڪلينڪ وليد محلو لاڙڪاڻو.
125. آفتاب جعفراڻي پٽ عبدالعزيز جعفراڻي محمد بن قاسم لائبرري سجاول ضلعو ٺٽو، سنڌ.
126. اوڪو مل پٽ منروپ مينگهواڙ، گلاب ٽيلرنگ هائوس پوسٽ آفيس سامارو ٽائون ضلعو عمر ڪوٽ.
127. علم الدين پٽ خان محمد پنهور، ڳوٺ آگيڏنو پنهور تعلقو ۽ ضلعو ميرپورخاص، پوسٽل ائڊريس- دڪان نمبر -41 پاڪ ڪلاٿ مارڪيٽ ميرواهہ روڊ ميرپورخاص.
128. منور علي پٽ الله بخش عباسي، ڪوارٽر نمبر بي-73 پراڻي وحدت ڪالوني، حيدرآباد.
129. محمد نواز لغاري پٽ محمد حسن لغاري، معرفت عبدالجبار خاصخيلي، ڪلارڪ اسٽريٽ لائيٽ برانچ، ميونسپل ڪاميٽي خيرپور ميرس.
130. ڏاتل خان چنہ پٽ غلام قادر چنہ، پٽيشن رائيٽر ڪچهري روڊ سامهون مختيارڪار آفيس دادو، ضلعو دادو.
131. عدل خان پٽ بندو خان، معرفت سپر ميڊيڪل اسٽور چنبڙ ناڪو، ٽنڊوالهيار ضلعو حيدرآباد.
132. ڊاڪٽر آغا حبيب الرحمٰن پٽ آغا رياض الدين ڪڙي عطا محمد خان شڪارپور/ روم نمبر 93، هاسٽل نمبر 3، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، لاڙڪاڻو.
133. خادم حسين شيخ پٽ غلام علي شيخ، پوسٽ آفيس شهر ڪڏڻ ضلعو بدين.
134. اياز احمد پٽ شفيع محمد ڪنير، معرفت، حاجي عبدالغفور ڪنير دڪاندار نزد جناح ميدان، رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

# ٻارن ۾ ڪنگهہ ۽ زڪام جي حالت ۾ ڇا ڪجي

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن لاءِ مشورا

ڪنگهہ ۽ زڪام مان نمونيا ٿي سگهي ٿي جنهن جي ڪري هر سال ويهن ڪان ٽيهہ لک ٻار اجل جو شڪار ٿين ٿا (ان ۾ نمونيا ڪري مرڻ وارا اهي ڏهہ لک ٻار شامل نہ آهن جن جي بيماري جو سبب ارڙي يا خناق آهي ۽ انهن جو وبائي ٽڪن لڳرائڻ سان بچاءُ ممڪن آهي)

هتي ڄاڻايل چار بنيادي طبي پيغام، ٻارن جون قيمتي جانيون بچائڻ ۾ والدين جي مدد ڪري سگهن ٿا.

تمام والدين کي معلومات هجڻ گهرجي تہ ڪنگهہ ۽ زڪام ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙي وقت ڊاڪٽر جي مدد طلب ڪجي ۽ تمام صحت جي ڪارڪنن وٽ نمونيا وکهي موت کي روڪڻ لاءِ گهٽ قيمت جون دوائون هئڻ گهرجن.

### بنيادي ڄاڻ

1. جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي ڪنگهہ هجي ۽ هو تيز تيز ساهہ کڻي رهيو هجي تہ هو خطري جي حالت ۾ آهي ۽ ڪيس هڪدم ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وڃڻ ضروري آهي.
2. ٻارن کي پهرين ڇهن مهينن تائين مسلسل ماءُ جو کير پيارڻيو وڃي ۽ سيني ٻارن کي سٺي غذا سان گڏ ٽڪن جو مڪمل ڪورس لڳرايو وڃي جنهن ڪري کين نمونيا جي حملي کان بچائي سگهجي ٿو.
3. ڪنگهہ ۽ زڪام واري ٻار کي کاڌي پيتي جون شيون گهڻي مقدار ۾ ڏيڻ گهرجن.
4. ڪنگهہ ۽ زڪام واري ٻار کي ٿڌ کان محفوظ رکجي ۽ کيس اهڙي جڳهہ تي رکجي جتي صاف، تازي ۽ دونهين کان پاڪ هوا ميسر هجي.



پاک لینب

**جيڪڏهن اوهان سڀي ڏينهن ۾ هڪ دفعو گوريون کائو ٿا تہ اهي سحري جي بجاءِ افطاري مهل استعمال ڪيو**

**روزي جي دوران ماني نہ کائڻ جي ڪري رت ۾ گلوڪوز جو مقدار گهٽ ٿي ويندو آهي ۽ ان لاءِ دوا جي ضرورت ۾ گهٽجي ويندي آهي.**

(توانائي) جي لحاظ سان برقرار رکو. يعني سحري ۽ افطاري ۾ سڀي ڏينهن جي بک جي ڪسر نہ ڪڍي ڇڏجي. خاص ڪري سٽيپن ۽ مٺڻ کاڌن مثلاً پڪوڙن، حلوي، ڪجلي، "سيون ۽ کير" وغيره کان پرهيز ڪجي.

(ب) سحري کائڻ ۾ جيڏي بہ دير ممڪن ٿي سگهي، ڪجي.

(پ) ڏينهن جو روزي سان گڏ گهٽي جسماني مشقت ۽ ورزش کان پرهيز ڪجي.

(ت) منجهند جو يا ٽيپهريءَ جو ٿوڙي دير آرام ڪرڻ ضروري آهي.

2. دوا (ٽڪيون) کائڻ وارو گروپ: ظاهر آهي تہ اوهان جي ذيابيطس جي شدت پهرين گروپ کان وڌيڪ آهي. پر اوهان پڻ روزو رکي سگهو ٿا، بشرطيڪ توهان هيٺين ڳالهين تي عمل ڪيو.

(الف) جيڪڏهن اوهان سڀي ڏينهن ۾ هڪ دفعو گوريون کائو ٿا تہ اهي سحري جي بجاءِ افطاري مهل استعمال ڪيو. سحريءَ تي کائڻ مهل اهي گوريون منجهند يا شام جو افطاري کان اڳ شديد (Hypoglycaemia) ڪري سگهن ٿيون ۽ ان صورت ۾ روزو ٽوڙي ڪا مٺي شي لازماً کائڻي پوندي.

(ب) جيڪڏهن اوهان صبح شام گوريون وٺندڙ آهيو تہ روزي ۾ اوهان پهرين خوراڪ افطاري سان گڏ وٺندا ۽ گورين جي مقدار اهائي هوندي جيڪا عام طور تي توهان صبح جو کائيندا آهيو.

(پ) دوا جي ٻي خوراڪ سحري سان گڏ کائو پر گورين جي مقدار اوهان جي عام طور تي وٺندڙ شام جي خوراڪ کان اڌ هجڻ گهرجي. ڇو تہ روزي جي دوران ماني نہ کائڻ جي ڪري رت ۾ گلوڪوز جو مقدار گهٽ ٿي ويندو آهي ۽ ان لاءِ دوا جي ضرورت بہ گهٽجي ويندي آهي.

غرض تہ گورين جو گهڻو وزن افطاري مهل ۽ ٿورو وزن سحري مهل وٺڻ گهرجي.

**3. انسولين استعمال ڪرڻ وارا مريض:** هي اهي مريض آهن، جيڪي صرف غذائي پرهيز يا گورين جي استعمال سان ذيابيطس کي قابو ۾ نہ رکي سگهندا آهن. انهن مريضن ۾ KETOSIS ٿيڻ جو يا وڌي رت ۾ گلوڪوز گهٽجي وڃڻ جو خطرو گهڻو هوندو آهي. ان لاءِ دوا ۽ غذا جي وچ ۾ توازن رکڻ ضروري هوندو آهي، جيڪو روزي رکڻ دوران ممڪن نہ آهي. ان لاءِ انهن مريض ۾ جيڪي انسولين استعمال ڪن ٿا روزو رکڻ ممنوع آهي. خاص ڪري انهن مريضن ۾ جيڪي ڏينهن ۾ ٻہ يا وڌيڪ دفعا انسولين هڻائن ٿا. ان باري وڌيڪ مشورو پنهنجي ذيابيطس جي ڊاڪٽر سان ڪرڻ گهرجي.

رت ۾ گلوڪوز گهٽ هجڻ يعني (Hypoglycaemia) هڪ خراب ۽ خطرناڪ صورتحال آهي ۽ ان جي معمولي علامتون ظاهر ٿيڻ تي ئي ان تي قابو پائڻ يعني ڪا مٺي شي کائڻ تمام ضروري هوندي آهي.

جيڪڏهن روزي دوران هيٺيون علامتون ظاهر ٿين تہ روزو هڪدم ٽوڙڻ گهرجي:- بيچيني، گهٻراٽ، پگهر اچڻ، شديد ڪمزوري جو احساس، هٿ ۽ بدن جو ڏڪڻ، گهڻي بک لڳڻ، پنهنجي دل جي ڌڙڪڻ جو احساس ٿيڻ (PALPITATION)، چپن ۽

**رت ۾ گلوڪوز گهٽ هجڻ يعني (Hypoglycaemia) هڪ خراب ۽ خطرناڪ صورتحال آهي ۽ ان جي معمولي علامتون ظاهر ٿيڻ تي ئي ان تي قابو پائڻ يعني ڪا مٺي شي کائڻ تمام ضروري هوندي آهي.**

جيڪڏهن روزي دوران هيٺيون علامتون ظاهر ٿين ته روزو هڪدم ٽوڙڻ گهرجي: بيچيني، گهٻراٽ، پگهر اچڻ، شديد ڪمزوري جو احساس، ٿيڻ هٿ ۽ بدن جو ڏڪڻ، گهڻي بک لڳڻ، پنهنجي دل جي ڌڙڪڻ جو احساس ٿيڻ (PALPITATION)، چپن ۽ جڀ تي سيون چيڄڻ جو احساس ٿيڻ، هڪ شي جو ٻه نظر اچڻ، ڳالهائڻ ۾ تڪليف ۽ رڪاوٽ محسوس ٿيڻ، دورا پوڻ ۽ غشي طاري ٿيڻ.

جڀ تي سيون چيڄڻ جو احساس، هڪ شي جو ٻه نظر اچڻ، ڳالهائڻ ۾ تڪليف ۽ رڪاوٽ محسوس ٿيڻ، دورا پوڻ ۽ غشي طاري ٿيڻ.

ان لاءِ ذيابيطس جي مريض کي روزي دوران ڪا مٺي شي مثلاً کنڊ جي پڙي، مٺا بسڪٽ وغيره هميشه کيسي ۾ رکڻ گهرجن. جيئن ئي مٿيون علامتون محسوس ٿين، هڪدم روزو ٽوڙي اها مٺي شي کائڻ گهرجي.

ڪن مريضن کي وري اهو خيال هوندو آهي ته روزي جي برڪت سان ذيابيطس پنهنجو پاڻ ڪنٽرول ۾ اچي ويندي. ان لاءِ هو ڪنهن به ڊاڪٽر سان مشورو نه ڪندا آهن ۽ نه وري ڪي احتياطي اُپاءَ وٺندا آهن ياد رکڻ گهرجي ته روزي جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن پر روزي جي رکڻ سان ذيابيطس پنهنجو پاڻ ڪنٽرول ۾ نه اچي ويندي. ياد رکندا ته پنهنجو علاج ڪرائڻ سنت آهي. ان لاءِ روزي رکڻ کان اڳ پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪرڻ ۽ دوائن جو مناسب استعمال تمام ضروري آهي. ساڳي طرح ذيابيطس جا ڪجهه مريض وري بهانو ڳولهيندا آهن ته ذيابيطس جي مرض ۾ روزو ڪيئن رکئون؟ جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي ته ذيابيطس جا ڪجهه مريض نه صرف روزو رکي سگهن ٿا پر روزو رکڻ انهن ۾ گهڻو مفيد پڻ آهي. يعني ٽائيپ (2) جا مريض، جيڪي يا ته صرف غذائي پرهيز تي آهن يا وري غذائي پرهيز سان گڏ ٽڪيون به استعمال ڪن ٿا ۽ انهن جو وزن به تمام گهڻو آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته مذهب اسلام اهڙو مذهب آهي، جنهن ۾ ڪا به سختي نه آهي. الله سائين روزو بيمار تي معاف ڪيو آهي. ذيابيطس جي مريض کي کپي ته جيڪڏهن ڊاڪٽر ڪين منع ڪري ته هو دين جا ٻيا ارڪان پورا ڪري ۽ روزي جي جاءِ تي ڪنهن مريض کي پيٽ ڀري کاڌو کارائي ته ان کي اوترو ئي ثواب ملندو جيترو ڪنهن روزي دار کي ملندو آهي.

آخر ۾ اهو ياد ڏيارڻ ضروري آهي ته ذيابيطس جي ڪنٽرول جي سار سنڀال روزي دوران ضروري آهي. رت ۾ گلوڪوز کي پابندي سان ٽيسٽ ڪندو رهجي. اهي مريض جي پيشاب ۾ گلوڪوز چيڪ ڪن ٿا، انهن کي کپي ته ڪڏهن ڪڏهن (TRACE) يا (+) جو نشان اچڻ تي پريشان نه ٿين، پر اها اطمينان جوڳي ڳالهه آهي، جو ته ان سان اهو اطمينان رهندو آهي ته رت ۾ گلوڪوز گهٽي گهٽ ٿيڻ يعني (HYPOGLYCAEMIA) ۾ وڃڻ جو خطرو گهڻو گهٽجي ويندو آهي.

**ڪن مريضن کي وري اهو خيال هوندو آهي ته روزي جي برڪت سان ذيابيطس پنهنجو پاڻ ڪنٽرول ۾ اچي ويندي. ان لاءِ هو ڪنهن به ڊاڪٽر سان مشورو نه ڪندا آهن ۽ نه وري ڪي احتياطي اُپاءَ وٺندا آهن**

---

ياد رکندا ته پنهنجو علاج ڪرائڻ سنت آهي

---

ذيابيطس جا ڪجهه مريض نه صرف روزو رکي سگهن ٿا پر روزو رکڻ انهن ۾ گهڻو مفيد پڻ آهي يعني ٽائيپ (2) جا مريض، جيڪي يا ته صرف غذائي پرهيز تي آهن يا وري غذائي پرهيز سان گڏ ٽڪيون به استعمال ڪن ٿا ۽ انهن جو وزن به تمام گهڻو آهي

**هي مرض ايڇ. آءِ. وي (H.I.V.) وائرس جسم ۾ داخل ٿيڻ کان فورن بعد شروع نه ٿيندو آهي ۽ هن مرض جون علامتون ڪافي سالن کان پوءِ شروع ٿينديون آهن ۽ اهو عرصو ڏهن کان ٻارهن سال به ٿي سگهي ٿو**

) اينٽي باڊيز لاءِ ٽيسٽ ڪيو وڃي ته جيئن مرض تشخيص ڪري سگهجي.

**وڏيون علامتون:**

**هڪدم وزن جو گهٽجڻ:**

جيڪڏهن ڪوبه مريض اها شڪايت ڪري ته هن جو وزن هڪ دم گهٽجي رهيو آهي ۽ انهي جو ڪوبه عام سبب نظر نٿو اچي ۽ جيڪڏهن اها وزن جي گهٽتائي مريض جي ٽوٽل وزن کان ڏهه سيڪڙو کان وڌيڪ آهي ته پوءِ اها علامت ائڊس جي مرض جي ٿي سگهي ٿي.

**بخار**

جيڪڏهن بخار ڪافي وقت هلي ۽ انهي جو ڪوبه ڪارڻ معلوم ٿي نه سگهي ته پوءِ ضروري آهي ته انهي مريض جو خون ائڊس جي اينٽي باڊيز لاءِ چيڪ ڪجي.

**دست يا جلاب:**

جيڪڏهن ڪنهن مريض کي دستن يا جلابن جي شڪايت ڪافي پراڻي هجي ۽ ان جو ٻيو ڪوبه خاص سبب معلوم ٿي نه سگهي ته پوءِ اها علامت ائڊس جي مرض جي ٿي سگهي ٿي.

ياد رهي ته مٿيون ٽئي علامتون يعني وزن جو گهٽجڻ، بخار ۽ جلاب يا دست تمام عام علامتون آهن جيڪي ڪيترن ئي عام رواجي بيمارين ۾ ٿي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن انهن علامتن جو ٻيو ڪو عام سبب ٿي نه سگهي ته پوءِ ائڊس جي مرض جو سوچي سگهجي ٿو.

**غدودن جي سوڄ:**

خاص ڪري ڪَڇن، سٿرن ۽ ڪنڌ جا غدود سڄي پوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهي قسم جا غدود سڄي جسم ۾ سڄي سگهن ٿا.

**ايڊز جي بيماريءَ سان لاڳو مرض يا علامتون:**

ايڊز جي مريض ۾ هيٺيون بيماريون تمام جلد ۽ شدت سان شروع ٿينديون آهن، جاڪاڻ جو مريض جي قوت مدافعت يا اميون سسٽم بلڪل تباھ ٿي ويندو آهي.

**"الف" وات جو فنگس:**

مريض جي زبان يا وات جي اندر سفيد رنگ جي داڻ، داڻ نظر ايندي آهي ۽ مريض جو وات پچي پوندو آهي ۽ ننڍا ننڍا زخم به ٿي سگهن ٿا ۽ مريض کي کاڌي کائڻ ۾ تڪليف ٿي سگهي ٿي.

**"ب" وات جي هرپيز (وات جا پيرون داڻا):**

هي هڪ وائرل انفيڪشن آهي جيڪا گهڻو ڪري چپن تي ننڍڙن ڦوڪٽن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي ۽ جلدي ئي اهي ڦوڪٽا ڦسي پوندا آهن جنهن ڪري ننڍا ننڍا زخم ٿي پوندا آهن جن ۾ مريض سور جي شڪايت ڪري سگهي ٿو هي وات جا پيرون داڻا اڪثر وري وري ساڳي جاءِ تي نڪرندا رهندا آهن.

انهيءَ قسم جا ڦوڪٽا اڪثر ڪن ماڻهن جي چپن تي بخار دوران به نڪرندا آهن جنهن کي بخار جا داڻا چيو ويندو آهي.

ائڊس جي مرض جون علامتون ڪيترن ئي عام بيمارين سان ملندڙ جلندڙ آهن تنهن ڪري ڪنهن به هڪ يا چند علامتن سان هي مرض تشخيص نه ڪيو ويندو آهي بلڪ ڪيترين ئي علامتون جيڪڏهن هڪ ئي وقت گڏ ڪنهن مريض ۾ هجن ته پوءِ ضرور انهي مريض جو خون ايڇ. آءِ. وي (H.I.V.) اينٽي باڊيز لاءِ ٽيسٽ ڪيو وڃي ته جيئن مرض تشخيص ڪري سگهجي.

# آنڊن جي مروڙ

# Irritable Bowel Syndrome

رينا ڪارٽر / ڊاڪٽر اشفاق ٽالپر

تحقيق مان خبر پئي آهي پنجن ماڻهن مان هڪ ماڻهو پنهنجي سڄي ڄمار ۾ هڪ دفعو هن بيماري ۾ مبتلا ٿيندو آهي هن وقت هي هڪ عام بيماري آهي. جيئن ته (Common Cold).
ڪجهه ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته هي 20 صدي جي ڪا نئين بيماري آهي پر ائين نه آهي آنڊن جي مروڙ يا (Irritable Bowel Syndrome (I.B.S ڪو نئون نالو نه آهي هي هڪ تمام پراڻي بيماري آهي. هي بيماري مختلف وقتن ۾ مختلف نالن سان سڃاتي ويندي هئي. جيئن Mucous Colitis ۽ Spastic Colon, Functional bowel disorder وغيره. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته آنڊن جي مروڙ اڄ ڪلهه وڌي ويئي آهي، پر ائين به نه آهي، جيئن ته اڳ جي مقابلي ۾ هن وقت ماڻهو ٿوري گهٽي تڪليف سبب ڊاڪٽرن وٽ وڃن ٿا ۽ اڳين زماني ۾ ماڻهو قبض (Constipation) دستن (Diarrhoea) ريح بادي (Flatulence) متعلق ڊاڪٽرن سان گهٽ مشورو ڪندا هئا. هو پاڻ انهن تڪليفن کان بچڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪندا هئا. اڄ به ڪيترا ماڻهو هن بيماري بابت ڪنهن کي ٻڌائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪندا آهن، اهڙن فردن لاءِ هيٺ تفصيل سان ڄاڻ ڏجي ٿي.

**آنڊن جي مروڙ يا Irritable Bowel Syndrome ڇا آهي.**

اهڙي حالت، جنهن ۾ آنڊا ڪجهه ڊگهي وقت تائين گڙٻڙ جو شڪار رهن ۽ انهي جا مختلف سبب هجن، تنهن کي آنڊن جي مروڙ يا Irritable Bowel Syndrome سڏجي. آنڊن جي مروڙ اڻ وڻندڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ ضرور هجي ٿي پر خوشقسمتي سان اها ڪا موذي بيماري نه آهي ۽ نه ئي اڄ ڏينهن تائين انهيءَ سبب ڪري ڪو موت واقع ٿيو آهي.

**آنڊن جي مروڙ Irritable Bowel Syndrome جون علامتون ڪهڙيون آهن؟**

جيڪي به ماڻهو هن بيماري ۾ مبتلا ٿين ٿا انهن سيني جي علامتن ۾ ڪو وڏو فرق نه هوندو آهي.
هڪ ئي ماڻهو ۾ ڀيريائين هڪڙيون علامتون هونديون ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري ٻيون علامتون ظاهر ٿينديون، پر جيڪي مکيه علامتون آهن تن ۾ دستن يا قبضي سان گڏ پيٽ جو ڦنڊڻ ۽ بي چيني ٿيڻ شامل آهي. هر ماڻهو ۾ سڀ علامتون هڪ وقت ۾ ظاهر نه ٿينديون آهن.

**ڪجهه ضروري علامتون هيٺ ڏجن ٿيون.**

- **سور** (Pain)؛ سور پيٽ جي هيٺين ڪابي پاسي يا هيٺين ساڄي پاسي

# حياتياتي گائيڊڊ ميزائيل

ڊاڪٽر عبدالرشيد لاکو
رجسٽرار، ميڊيسن، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج، نوابشاهہ

طبي ماهرن جو چوڻ آهي تہ، بي اندازخوردبيني جاندار، جن ۾ جيوڙا، پروٽوزئا، فنگس ۽ وائرس وغيره شامل آهن، ڪئين شڪليون تبديل ڪري بي حساب طريقن سان اسان جي ڪل تي حملہ آور ٿين ٿا ۽ اسان جي جسم ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پوءِ ڪي وات جي ذريعي تہ ڪي ساهہ جي ذريعي ۽ ڪي وري چمڙي مٿان ڪنهن زخم ذريعي داخل ٿين ٿا. اهي جاندار ايترا تہ ننڍا آهن جو تقريباً ويهہ ڪروڙ هڪ سئيءَ جي ناڪي ۾ سمائجي سگهن ٿا. هي ننڍڙا دشمن پاڻ کان ڪئين دفعا وڏن، صحتمند انساني گهرڙن تي حملو ڪن ٿا ۽ ڪن حالتن ۾ انهن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. در اصل اسان کي پنهنجي اندر ٿيندڙ ان جنگ جي ڪابہ پروڙ نہ هوندي آهي. اسان جي جسم جي دفاعي فوج انهن حملہ آورن جو خاموشيءَ سان مقابلو ڪري شڪست فاش ڏيندي رهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هيئن بہ ٿيندو آهي تہ اسان جن محافظن تي حملو ايترو شديد ٿيندو آهي جو اهي بلڪل نستا ٿي پوندا آهن ۽ نتيجي ۾ اسان کي ڪنگهہ، زڪام، مدي جو بخار ۽ ٻيون مختلف بيماريون ٿي پونديون آهن. ڪڏهن وري اسان جا گهرڙا بہ بغاوت تي لهي ايندا آهن ۽ جڏهن انهن جون باغيانہ سرگرميون شديد ٿي وينديون آهن تہ اسان سرطان(Cancer) جهڙي خطرناڪ ۽ موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پوندا آهيون.

اسان جي دشمنن ۾ جيوڙا (Bacteria) اهم حيثيت رکن ٿا جن ۾ جينس (Genes) جا بنڊل ٿيندا آهن ۽ انهن جي مٿان ڪنڊ جو تہہ چڙهيل هوندو آهي جڏهن هي جيوڙا اسان جي ڪنهن گهرڙي ۾ داخل ٿين ٿا تہ ان کي ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ آخرڪار ان کي ڦاڙي قتل ڪري وجهندا آهن. ان کان پوءِ گهرڙي مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن ڦهلجي ويندا آهن ۽ ٻين گهرڙن تي حملو ڪندا آهن.

ويڪ فاريسٽ يونيورسٽي جي بائيولوجسٽ "ڊاڪٽر ٽرومين" جو چوڻ آهي تہ "اسان جي جسم جي هڪ سؤ ڪرب گهرڙن مان هڪ ڪرب گهرڙا حفاظتي فوج تي مشتمل آهن" اهي گهرڙا هڏي جي مک (Bone Marrow) ۽ لمف گلينڊز (Lymph Glands) ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ ٽي حفاظتي ريجمينٽون ٺاهن ٿا. انهن مان هڪ قسم کي فيگوسائيٽس (Phagocytes) ڪوٺجي ٿو ۽ ٻيا ٻن قسمن جا لمفوسائيٽيس (Lymphocytes) ٿين ٿا، جن کي ٽي - لمفو سائيٽس (T-Lymphocytes) ۽ بي لمفوسائيٽس (B-Lymphocytes) چئبو آهي. سڀ کان پهريائين فيگوسائيٽس ميدان ۾ لهن ٿا. انهن کي جيڪا شي "ٻاهرين" نظر اچي ٿي، يڪدم ان کي گهيري وٺن ۽ چند لمحن ۾ هڙپ ڪري ويندا آهن. مثال طور ڦڦڙن ۽ ساهہ جي نلڪين ۾ موجود مٽيءَ جا ذرڙا جيڪي ساهہ کڻڻ دوران، ڦڦڙن ۾ داخل ٿين ٿا، انهن کي ڳيهي وٺن ٿا ۽ اهڙي طرح ڦڦڙ صاف رهن ٿا.

جڏهن اسان کي ڪو زخم رسندو آهي تہ فيگوسائيٽس ان جاءِ تي تيزيءَ

**جڏهن اسان کي ڪو زخم رسندو آهي تہ فيگوسائيٽس ان جاءِ تي تيزيءَ سان پهچي ويندا آهن**

## جسم ۾ داخل ٿيندڙ جيوڙن يا وائرس جي سڃاڻپ ٽي- گهرڙا (T-Cells) ڪندا آهن

سان پهچي ويندا آهن. اتي رت جون شريانيون سڄي پونديون آهن ۽ فيگوسائيٽس ۽ پليٽليٽس (Platelates) گڏجي وهندڙ رت کي هڪ محنتي هاري جيان بند ٻڌي ڇڏيندا آهن.

جسم ۾ داخل ٿيندڙ جيوڙن يا وائرس جي سڃاڻپ ٽي- گهرڙا (T-Cells) ڪندا آهن. ڪيترن ئي قسمن جي اڃن گهرڙن کي سيني جي هڏي (Sternum) جي پوياڻ موجود هڪ پيلي رنگ جو غدود ٿائيمس (Thymus) هزارن جي تعداد ۾ پمپ ڪندو آهي. انهن مان چند ئي گهرڙا ڪنهن اينٽيجن، (Antigen = اهڙو مادو يا ساهوارو)، جنهن جي جسم ۾ داخل ٿيڻ سان رت ۾ زد- جسم يا اينٽي باڊيز (Anti-bodies) ٺهڻ جو ڪارج بڻجي ٿو.) جي سڃاڻپ جي صلاحيت رکن ٿا. اهو ڪم فقط ٽي- گهرڙا ڪري سگهندا آهن. اهي گهرڙا جيڪي اينٽيجن جي سڃاڻپ نه ڪري سگهندا آهن، ڪيميائي اشاري (Chemical Signals) ذريعي ٽي- گهرڙي کي اطلاع ڏيندا آهن. ٽي- گهرڙا خاص قسم جي دشمن کي سڃاڻڻ ڪانپوءِ ويڙهو فوج جي سپاهين جي شڪل اختيار ڪندي متاثر گهرڙي جي ٻاهرين پت (Cell-membrane) ۾ سوراخ ڪري وجهندا آهن ۽ جيوڙي جي نشونما وڌڻ کان اڳ ئي ان کي آخري انجام تائين پهچائي ڇڏيندا آهن. ٽي- گهرڙا حفاظتي فوج جو ڪم ڪرڻ کان علاوه حفاظتي نظام جي آخري وڏي ريجمنٽ بي - گهرڙن (B-Cells) کي خبردار ڪري ڇڏيندا آهن. جيڪي انسان جي لمف غدودن (Lymph Glands) مک (Bone marrow) وغيره ۾ پيدا ٿيندا آهن. لمف گلينڊز، هڏي جو مک، ٿائيمس وغيره هڪ قسم جا هٿيار ٺاهيندڙ ڪارخانا ڪوٺجن ته ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو- جراثيمن ۽ "ٻاهرين شي" کي ختم ڪرڻ جو ٻيو نمونو هي آهي ته ٽي-گهرڙا يا بي- گهرڙا حملي آورا گهرڙي جي مٿاڇري تي چنبڙي پون ٿا ۽ ان کي هضم (Engulf) ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن اسان جي بچاءَ جي قدرتي نظام جي از خود شڪست پريشان ڪن صورتحال پيدا ڪري وجهندي آهي. ان حالت ۾ انساني جسم جو حفاظتي نظام "پنهنجن گهرڙن" کي سڃاڻڻ کان قاصر ٿي ويندو آهي ۽ انهن کي ٻاهريون دشمن سمجهي ان تي حملو ڪري ڏيندو آهي، جنهن جي حفاظت ڪرڻ ان جي سپرد هوندي آهي. مثال طور: انسان جڏهن سنڌن جي سور ۾ مبتلا ٿي پوندو آهي ته سنڌ سخت ٿيڻ لڳندا آهن. هيءَ بيماري ان وقت لڳندي آهي، جڏهن انساني حفاظتي نظام سنڌن تي حملي آور ٿي پوندو آهي.

انساني جسم جو قدرتي بچاءَ جو نظام ڪڏهن ڪڏهن خيالي دشمن خلاف وڙهڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. مثال طور، مٽيءَ جا ذرڙا، دونهون، خوشبوءِ، پولن (Pollen)، ڪجهه قسم جا کاڌا ۽ دوائون وغيره ماڻهو ۾ الرجي (Allergy) پيدا ڪري وجهندا آهن. حالانڪه هي بي ضرر مادا هوندا آهن، پر پوءِ به رت ۾ موجود ضد- جسم انهن کي اينٽيجن يا "ٻاهرين" سمجهي انهن تي حملي آور ٿين ٿا. نتيجي ۾ ماسٽ گهرڙا (Mast-Cells) ۽ پلازما- گهرڙا (Plasma - Cells) ڪئين قسمن جا مادا جن ۾ سيروٽونن (Serotonin) بريڊيڪائنن (Brady Kinin) وغيره خارج ڪندا آهن. جيڪي الرجيءَ جو سبب بڻبا آهن ۽ نتيجي ۾ ماڻهو دم (Asthma)، خارش ۽ نزلي زڪام (Allergic Rhinitis) وغيره ۾ مبتلا ٿي پوندا آهن.

طب جي ماهرن جو خيال آهي ته ايندڙ پندرنهن - ويهن سالن جي اندر اهڙيون دوائون ٺاهي وٺندا جن جي وسيلي هر قسم جي الرجيءَ جو علاج ممڪن ٿي سگهندو.

انساني حفاظتي نظام جو سڀ کان گهڻو ڪامياب ۽ زندگي بخش ڪم

**ڪڏهن ڪڏهن اسان جي بچاءَ جي قدرتي نظام جي از خود شڪست پريشان ڪن صورتحال پيدا ڪري وجهندي آهي. ان حالت ۾ انساني جسم جو حفاظتي نظام "پنهنجن گهرڙن" کي سڃاڻڻ کان قاصر ٿي ويندو آهي**

# موت جون نشانيون

ڊاڪٽر محمد عالم سومرو

موت کان هرڪو واقف آهي. اها سيني کي خبر آهي تہ مرڻ کان پوءِ انسان ختم ٿيو وڃي. پر اسان کي اها خبر ڪانهي تہ موت ڪيئن ٿو ٿئي ۽ مرڻ کان پوءِ انساني جسم تي ڇا ٿو وهي واپري. ان بابت ميڊيڪل سائنس ۾ جيڪي ڪجھ بيان ڪيو ويو آهي، تنهن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

**مڪمل موت ٻن حصن ۾ ٿيندو آهي.**

**1- بدني (Somatic) موت:-**

جنهن ۾ دل، دماغ ۽ ڦڦڙ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن. اهوئي سبب آهي جو انهن عضون کي زندگيءَ جا ٿنيا يا رئيس عضوا چئبو آهي، ڇو تہ اهي حياتيءَ ۽ صحت کي برقرار رکندا آهن.

**2- اوڄن جو (Molecular) موت:-**

بدني موت کان پوءِ بہ خليا يا گهرڙا (Cells) پنهنجو ڪم ڪندا رهندا آهن ڇو تہ انهن ۾ ڪاڏ خوراڪ ۽ آڪسيجن جمع هوندي آهي. جڏهن اهي شيون پوريون ٿي وينديون آهن تہ گهرڙا بہ آهستي آهستي پنهنجو ڪم بند ڪري - مرده ٿي ويندا آهن. بدني موت کان 3-4 ڪلاڪ کان پوءِ خلياتي موت بہ واقع ٿي ويندو آهي. انهن ٽن چئن ڪلاڪن ۾ گهرڙن کي مرڻ کان بچائي انسانن ۽ جانورن کي وري جيئري ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ تجربا ٿي رهيا آهن. خلين جو موت پهرياڻين دل جي ڪاٻي خاني ۾ ٿيندو آهي، پوءِ معدي ۽ آنڊن ۾، پوءِ مثاني ۾ ۽ پوءِ دل جي سڄي خاني ۾ ٿيندو آهي.

**بدني موت جون هيٺيون نشانيون آهن:**

**الف- ٻي حسي ۽ چُري پُري نہ سگهڻ:**

هي علامتون موت کانسواءِ حياتيءَ ۾ بہ نشي آور گهري ننڊ، بجليءَ جي شاڪ ۽ مرگهي وغيره جي حالتن ۾ ٿينديون آهن.

**ب- مڪمل ۽ هميشہ لاءِ رت جو دورو بند ٿيڻ:-**

اها خبر هيٺين تجربن ڪرڻ سان پئجي سگهندي.

1- اسٽيٿاسڪوپ سان دل جو ڌڙڪو ٻڌڻ ۾ نہ ايندو.

2- آڱر کي ڌاڳي سان ٻڌبو تہ ڳنڍ کان مٿي آڱر ساڳي اڇي ٿي رهندي، معنيٰ رت جو دورو بند آهي. جيڪڏهن ماڻهو جيئرو هوندو تہ ڌاڳو ٻڌڻ سان آڱر ٿلهي ۽ نيري ٿي پوندي، ڇو تہ ڌاڳو مٿاڇرين رڳن کي تہ بند ڪندو باقي آڱر جي اندرين نسن ۾ رت وهندو رهندو، جنهن ڪري آڱر سُڄي پوندي.

3- چنبو تيز روشنيءَ ۾ جهلڻ سان آڱرين جي وچ وارو پڙدو جيئري ڳاڙهو ۽ موت ۾ ڦِڪو نظر ايندو.

4- آڱر جي ننهن کي زور ڏيڻ ۽ ڇڏڻ تي اڇو ۽ گلابي رنگ نہ ايندو، معنيٰ تہ رت جو دورو بند ٿيل آهي.

**ب- ساهہ بند ٿيڻ:-**

جيئرو ماڻهو وڌ ۾ وڌ ڪجھہ منٽن تائين ساهہ روڪي سگهي ٿو، پر موت ۾ ساهہ هميشہ لاءِ بند ٿي ويندو آهي. ساهہ بند ٿيڻ جي خبر هيٺين تجربن مان پئجي سگهندي.

1- ڇاتيءَ تي اسٽيٿاسڪوپ رکي ڪافي دير تائين ٻڌڻ سان ساهہ کڻڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ نہ ايندا.

2- ساهہ کڻڻ تي ڇاتي ۽ پيٽ چرپر ڪندا. جيڪڏهن پاڻي سان ڪناتار پيالو پيٽ تي رکبو تہ ساهہ کڻڻ جي صورت ۾ پاڻي ان مان ڇلڪي پوندو.

3- ماڻهو جي نڪ ۾ پرسان ڪنپ يا ڪپھ

موت مهل ماڻکي ڪجھ وڌي هوندي آهي ۽ لائيٽ پوڻ تي به بند نه ٿيندي آهي. البت هڪ دوا ائٽروپين (Atropine) وجهڻ تي أها موت کان پوءِ به اٽڪل هڪ ڪلاڪ تائين وڌيڪ ويڪري ٿيڻ جو رد عمل ڏيکاريندي آهي، پر خُلياتي موت کان پوءِ ايها خاصيت به ختم ٿي ويندي آهي.

جي تند جهلڻ تي ساھ ۾ اُهي چرندا، پر ساھ بند هئڻ جي صورت ۾ نه چرندا.

4- ٽڌو ۽ چمڪدار آئينو ماڻهو جي کُليل وات ۽ نڪ وٽ جهلڻ تي ساھ کڻڻ جي صورت ۾ ڪهمجي ويندو.

**اوچن جي موت جون هيٺيون نشانيون آهن:-**

**الف- اکين ۾ هيٺيون تبديليون ظاهر ٿينديون:-**

1- قرني رفليڪس (Corneal Re-flex) جو وڃڻ: جيئري جيڪڏهن اک جي ڪاراڻ يا قرنيه کي ڇُهبو ته اک بند ٿي ويندي. موت ۾ ائين نه ٿيندو.

2- قرنيه جو ڪڪرائجڻ (Colouding):- حياتي ۾ اک چمڪدار هوندي آهي پر موت ۾ آهستي آهستي ڏنڌلائجي ويندي آهي.

3- موت کان پوءِ اک جو پاڻي آهستي آهستي ڪِپي ويندو آهي، جنهن ڪري اک جو اندريون داب گهٽجي ويندو آهي ۽ زور ڏيڻ تي تارو اندر گهچي ويندو آهي.

4- موت مهل ماڻکي ڪجھ وڌي هوندي آهي ۽ لائيٽ پوڻ تي به بند نه ٿيندي آهي. البت هڪ دوا ائٽروپين (Atropine) وجهڻ تي أها موت کان پوءِ به اٽڪل هڪ ڪلاڪ تائين وڌيڪ ويڪري ٿيڻ جو رد عمل ڏيکاريندي آهي، پر خُلياتي موت کان پوءِ ايها خاصيت به ختم ٿي ويندي آهي.

5- اک جي پردي (Retina) جي نالين ۾ رت جو وهڪرو ڪٽجي بيهندو آهي.

**ب- کل يا چمڙيءَ ۾ تبديليون:-**

رت جي دوري بند ٿيڻ ڪري کل جو رنگ ڦِڪو ۽ ميڻ وانگر نظر ايندو.

**ب- بدن جي گرميءَ واري درجي ۾ تبديليون:-**

موت مهل بدن گرم هوندو آهي، تنهن ڪري پنهنجي ليول برابر ڪرڻ لاءِ گرمي بدن مان نڪري ٻاهرين فضا ۾ ايندي آهي، انهي ڪري بدن جي گرمي جو درجو به گهٽجي ڪمري واري گرمي جي درجي تائين پهچي ويندو آهي.

**پ - بعدالممتاتي رڱائي (Postmortem Staining) يا رت جون تبديليون:-**

موت کان پوءِ جيستائين رت ڄمي، تيستائين اهو زمين جي ڪشش سبب بدن جي اهڙين جاين وارين رت نلين ۾ گڏ ٿيندو آهي، جيڪي زمين جي ويجهو هونديون آهن. مثال طور جيڪڏهن موت مهل ماڻهو بستري تي سنئون سُتل آهي ته رت به پٺيءَ، ڪنڌ ۽ ٻانهن ۽ ٽنگن جي بستري سان لڳ وارن حصن ۾ گڏ ٿيندو رهندو. پر جيڪڏهن ماڻهو جو موت نرم بستري بجاءِ ڪنهن سخت هنڌ (جهڙوڪ زمين، يا ڪاٺ جي صندل) تي ٿئي ٿو ته رت جون پٺي واريون نليون بند ٿي وينديون، جنهنڪري رت پاسن ۾ ئي گڏ ٿيندو رهندو ۽ اهي حصا ڳاڙهسرا نظر ايندا. جيئن ته رت جا ڳاڙها جزا ڳرا ٿيندا آهن، تنهنڪري پهريائين اهي هيٺ چڪبا آهن ۽ کل تي ڳاڙهو رڱ پيدا

موت مهل بدن گرم هوندو آهي، تنهن ڪري پنهنجي ليول برابر ڪرڻ لاءِ گرمي بدن مان نڪري ٻاهرين فضا ۾ ايندي آهي، انهي ڪري بدن جي گرمي جو درجو به گهٽجي ڪمري واري گرمي جي درجي تائين پهچي ويندو آهي.

وجن ٿا. جيڪي پوءِ زمين ۽ هوا ۾ شامل ٿيندا رهن ٿا. ڳرڻ جو عمل انهن خميرن وسيلي ٿئي ٿو، جيڪي بدن ۾ موجود بئڪٽيريا ۽ ٻيا باريڪ حيوان (Micro organisms) خارج ڪن ٿا. هي جيوڙا ۽ انهن جا خمير آندن ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ ٿين ٿا ۽ رت وسيلي بدن جي هر حصي تائين پهچن ٿا. جتي نامياتي مادن کي غير نامياتي مادن ۾ تبديل ڪري ڳرڻ جي عمل کي وڌائيندا رهن ٿا. جيڪڏهن لاش کي زمين يا پاڻيءَ ۾ ڪجھ دير تائين ڇڏيو وڃي ته زمين ۽ پاڻيءَ جا جانور پڻ لاش کي ڇني، ڳرڻ جي عمل ۾ مدد ڏيندا.

ڳرڻ مهل بدن جي ڪل جو رنگ، هيموگلوبين جي ٽٽڻ سبب، پهريائين سائو ۽ پوءِ آسماني ٿي ويندو ۽ گئس جي پيدا ٿيڻ ڪري بدن ڦونڊجي ويندو ۽ ان مان ڌپ ايندي. عضون مٿان گئس جي داب ڪري، ڪاڪوس ۽ پيشاب وهندا ۽ نڪ ۽ وات مان پڻ معدي جي پاڻيٺ نڪرڻ لڳندي. جيڪڏهن زناني لاش جي رحم ۾ ٻچو (Foetus) آهي ته اهو به ٻاهر نڪري پوندو. لاش جيڪڏهن پاڻي ۾ آهي ته گئسن سبب هلڪو ٿي پاڻي جي مٿاڇري تي ترڻ لڳندو. ڌپ ۽ بدبو سبب مکيون ۽ ٻيا جيت لاش تي مڙندا ۽ ٻچا لاهيندا. اٽڪل ٻن ٽن ڏينهن اندر وار ۽ ننهن ڍلا ٿي پوندا ۽ آساني سان ڇنجي پوندا. اٽڪل 5 کان 10 ڏينهن ۾ پيٽ ۽ ڇاتي گئسن جي داب ڪري ڦاٽي پوندا ۽ ٻيا عضوا به ڳرڻ لڳندا. ڏينهن پڄاڻا ماس سڄو ڳري غائب ٿي ويندو ۽ باقي وڃي هڏا ۽ ڏند بچندا. جيڪي پڻ ٽري ڀڪري ويندا يا ڪافي عرصي ۾ مٽيءَ ۾ ملي مٽي جي جزن ۾ تبديل ٿي ويندا.

## ٿ- سٿيٽ (Adepocere):-

جيڪڏهن لاش گهم واري مقام ۾ هوندو ته ڪن حالتن ۾ ڳرڻ جو عمل رُڪجي ويندو، جو ته پوءِ بدن جا سٿي خميرن کي ٿوري سٿيي تيزابن، امونيا، ڪئلشيم، سوڊيم ۽ پوٽاشيم ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. اهي شيون پاڻ ۾ ملي صابڻ ناهين ٿيون، جنهن جو ته سڄي بدن مٿان ٿهي وڃي ٿو. انهي حالت کي سٿيٽ چئجي، جنهن ۾ بدن سٿيو ۽ هلڪي پيلي رنگ جو لڳندو آهي. سٿيٽ موت کان اٽڪل ست ڏينهن پوءِ ٿيندي آهي ۽ ان جي ڪري لاش تي لڳل موت کان اڳ وارا زخم چٽا ٿي پوندا آهن.

## ٽ- پوتجڻ (Mummification):-

هيءُ بدن جي خشڪ ٿيڻ جو عمل آهي، جنهن ۾ بدن جا نرم حصا سُڪي ويندا آهن پر انهن جي قدرتي بناوت ۽ خدوخال قائم رهندا آهن. پوتجڻ کان پوءِ ڪل سُڪي ناسي رنگ جي ٿي ويندي آهي ۽ هڏن سان چنبڙي پوندي آهي. بدن جا اندريان عضوا يا ته غائب ٿي ويندا آهن يا وري سُڪي ٿوٽ ٿي ويندا آهن. پوتجڻ جو عمل گهڻو ڪري لاش کي واريءَ زمين يا مٿاڇرين قبرن ۾ پورڻ ڪري ٿيندو آهي. اٽڪل ٽن مهينن کان هڪ سال تائين پوتجڻ جو عمل ٿي ويندو آهي، ۽ ان ۾ ماڻهوءَ جا خدوخال ۽ بدن کي لڳل قبل مماتي زخم چٽا نظر ايندا آهن.

ميڊيڪل ڪاليجن ۾ وڍ ٽڪ (Dissection) لاءِ جيڪي مردا رکيا آهن، انهن ۾ سنکي، ليڊ سلفائيڊ ۽ پوٽاشيم ڪاربونيٽ جو ڳار شاهه شريان (Aorta) ذريعي بدن ۾ پهچائبو آهي، جنهنڪري ڳرڻ جو عمل رڪجي ويندو آهي ۽ بدن جا مختلف حصا پنهنجيءَ اصلوڪي حالت ۾ رهندا آهن. انهي طريقي کي ايمبالميشن (Embalmation) چئبو آهي.

# گهريلو گند ڪچري کي ساڙڻ يا مٽي ۾ پورڻ سان بيمارين کي روڪي سگهجي ٿو

جراثيم مکين سان پکڙجندا آهن ۽ مکيون کائڻ پيئڻ جي بيڪار شين، ميوات ۽ گندين جڳهين تي بيضا لاهينديون آهن. هر گهر ۾ هڪ کڏ هئڻ ضروري آهي جنهن ۾ انهي گندگي کي پوري ڇڏجي يا وري ڪنهن بند دٻي ۾ اڇلائجي ۽ مناسب وقت تي اُن کي ساڙي ڇڏجي.

# ننڊ نہ اچڻ ۽ ان جا سبب

عبيدالله هاشمي/
ڊاڪٽر ايم اي حئي ميمڻ
شڪارپور

ننڊ نہ اچڻ جديد تهذيب جي تحفن مان هڪ تحفو آهي. ماڻهو ننڊ ڪرڻ گهري ٿو پر ننڊ ان کان دور آهي. ننڊ ڇو نہ ٿي اچي ان جا هيٺيان سبب آهن.

**سبب:**

1. ڀڄ ڊڪ واري زندگي
2. فڪر ۽ پريشانيون
3. ذهني دٻاءُ
4. مسئلا مثلاً خانداني، معاشرتي ۽ معيشتي
5. خوف
6. غم ۽ ڪاوڙ

مطلب تہ ڪيترائي سبب آهن جيڪي ننڊ نہ اچڻ جو سبب بڻجي سگهجن ٿا. هڪ ڪامياب واپاري کي ننڊ ڇو نہ ٿي اچي؟ ان جو سبب ڪاروباري نفعو نقصان ٿي سگهي ٿو يا وري ڪو گهريلو مسئلو. هڪ شاگرد امتحان جي ڏينهن ۾ ننڊ نہ اچڻ جي شڪايت ڪري ٿو. يا هڪ عورت پنهنجي مڙس جي ملڪ يا شهر کان ٻاهر نوڪري يا روزگار ڪرڻ سبب يا ٻارن جي بيمارين سبب ننڊ نہ ٿي ڪري سگهي.

**ننڊ ڇا آهي؟**

ننڊ قدرت جو هڪ پر اسرار عمل آهي. دنيا ۾ ننڊ متعلق ٿيندڙ تحقيق مان اهو معلوم ٿيو آهي تہ ننڊ اسان لاءِ اوتري قدر ضروري آهي جيتري هوا پاڻي يا کاڌ خوراڪ. تجربن مان معلوم ٿيو آهي تہ جيڪي ماڻهو مسلسل ڪيترا ڏينهن ۽ راتيون جاڳن ٿا اهي آخرڪار شديد ذهني / دماغي خرابي جو شڪار ٿين ٿا ۽ انهن کي پنهنجي ساڳي عام رواجي زندگي ڏانهن موٽڻ لاءِ گهڻا ڏينهن گهرجن ٿا ۽ هي بہ ثابت ٿي چڪو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کي مسلسل ڊگهي عرصي تائين جاڳڻ تي مجبور ڪيو وڃي تہ هو پاڳل بہ ٿي سگهي ٿو ۽ مري بہ سگهي ٿو. توهان رات جو ڪيترا ڪلاڪ ننڊ ڪريو ٿا؟ ٿي سگهي ٿو توهان جو جواب ڇہ يا ٽي ڪلاڪ هجي ۽ توهان جي جاڙي ڀيڻ يا ڀاءُ وري ست اٺ ڪلاڪ سمهندا هجن. هي بہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ هڪ ئي پيءُ ماءُ جي اولاد ننڊ جي معاملي ۾ پاڻ سان هڪبئي جو ايترو ضد هجن. ان جو مطلب اهو آهي تہ توهان ڪو فارمولو نہ ٿا ناهي سگهو. هي توهان جي طبيعت ۽ مزاج تي آهي تہ توهان ڪيترا ڪلاڪ ننڊ ڪرڻ ڪانپوءِ تازا توانا ٿيو ٿا.

گهٽ سمهڻ چڱو آهي يا لڳو؟ اهو توهان تي ڇڏيل آهي جيڪڏهن توهان ست اٺ ڪلاڪ سمهو ٿا پر ننڊ صرف ٽي چار ڪلاڪ اچي ٿي تہ وقتي طور تي اها توهان جي ذهني ۽ جسماني ڪارڪردگيءَ تي اثر وجهندي. پر جيڪڏهن ان کي عادت بڻايو وڃي تہ پوءِ توهان جي صحت خطري ۾ پئجي سگهجي ٿي.

هتي اها ڳالهہ بہ مزي جي آهي تہ ڪنهن سبب ڪري توهان ڪڏهن بہ چار ڪلاڪ ننڊ گهٽ ڪئي پوءِ توهان ان ننڊ کي ائين حاصل ڪري سگهو ٿا تہ توهان ڪٽي ۾ چار ڪلاڪ وڌيڪ ننڊ ڪريو.

ٿي سگهي ٿو توهان پنهنجي آفيس، ڪاليج يا ڪارخاني ۾ ڪو ڪم وساري آيا هجو ۽ گهر پهچي توهان کي اهو ياد اچي يا توهان ڪنهن ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا هجو يا ڪي تنگ ڪندڙ بيماري توهان کي لڳل هجي مثلاً نزلو، زڪام، دم، ننڊ واري ڪمري جو آرام ده نہ هجڻ، ڪنهن شعوري يا لاشعوري خوف جو اثر، اڻ وڻندڙ ماڻهو جي موجودگي، تمام گهڻو ٿڪ، پنهنجي گهر واري جي ناراضگي، ناقص غذا جو استعمال، تيز ۽

# الزهائيمرز مرض

# Alzheimers Disease

سنڌيڪار: شبانه منگي
فائنل ييئر ايم بي بي ايس
چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، لاڙڪاڻو

الزهائيمرز مرض هڪ جرمن دماغي ماهر ڊاڪٽر جي نالي پٺيان سڃاتو ويندو آهي جنهن پهريون ڀيرو ان کي ڳولهي لڌو.

حال ۾ ٿي هڪ سروي مطابق، اهل مغرب ۾ جنهن بيماريءَ جو ڪينسر کان پوءِ خوف پکڙيل آهي سا "الزهائيمرز" ٿي آهي. چاڪاڻ ته ان جو ڪو علاج سامهون نه آيو آهي ۽ نه ئي مستقبل قريب ۾ ان کي شڪست ڏيڻ جا ڪي آثار نظر اچن ٿا.

چئي سگهجي ٿو ته "الزهائيمر" جي بيماري هڪ قسم جي زنده موت آهي جنهن ۾ انسان زنده ته رهي ٿو پر دماغ کان بغير- چاڪاڻ ته ان بيماريءَ ۾ دماغ جا گهرڙا هڪ- هڪ ڪري ختم ٿيندا رهن ٿا ۽ دماغ آهسته آهسته خاتمي طرف وڌندو رهي ٿو.

جنهن جي نتيجي ۾ مريض جي يادداشت غائب ٿيڻ لڳي ٿي- ايستائين جو هو پنهنجي شخصيت به وساري ٿو ويهي ۽ فيصلي ڪرڻ جي صلاحيت جواب ڏئي وڃي ٿي، آخر ۾ مريض زنده لاش ٿي جيئي ٿو ۽ گهر وارن- مٽن- مائٽن کي به سڃاڻڻ کان وڃي ٿو.

الزهائيمرز جا 25 سيڪڙو اهڙا به مريض آهن، جن جي دماغ ڪي. رت جي پهچ ڪنهن رخني يا پٺتالاجي سبب رڪجي وڃي ٿي ۽ اهي حصا مرڻ لڳن ٿا. پوءِ ٿوري ٿوري دير لاءِ دورا پوڻ لڳن ٿا.

الزهائيمرز ڪانسواءِ به ڪجهه اهڙيون بيماريون آهن، جن ۾ مريضن جي يادداشت اثر انداز ٿئي ٿي. تن ۾ گهڻي مقدار ۾ شراب نوشي ڪرڻ- جيڪب ڊزيز- جنهن ۾ وائرس دماغي خرابيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. پارڪنسز ڊيزيز - ايچ - آئي - وي جي تحت دماغي خلل- ٿائيرائيڊ غدودن جي خرابي- وٽامن بيءَ جي ڪمي- آتشڪ دماغ جي اها ڳوڙهي جيڪا جراحي ذريعي ڪڍي وڃي ۽ دماغ جي سطح تي رت جي ڄمي وڃڻ جهڙيون بيماريون شامل آهن.

ابتدا ۾ دماغي خلل ۽ الزهائيمرز ۾ فرق ڪرڻ ٿورو ڏکيو ڪم آهي. چاڪاڻ ته الزهائيمرز جون علامتون مريض جي دماغ مان ئي ملي سگهن ٿيون.

پهريون ڀيرو "الزهائيمرز" جي جانچ به ڪجهه اهڙي طرح ئي ٿي هئي.

1907ع ۾ هڪ جرمن ڊاڪٽر الوئيس الزهائيمر 51 ورهين جي هڪ اهڙي عورت جنهن لاءِ يقين سان چيو پئي ويو ته ڪيس دماغي خلل آهي. جنهن جي بعد ۾ معائني ڪرڻ تي ڄاڻ پئي ته ڪيس ڪجهه دماغ ۾ ريشا الجهليل هئا ۽ ڪجهه مئل جيو گهرڙا هئا.

ان ڪان پوءِ ڊاڪٽرن ڪجهه اهڙن ماڻهن جي دماغن جو به معائنو ڪيو جيڪي چريا يا دماغي خلل جا مريض چيا وڃن پيا. تن جي دماغن ۾ پڻ ساڳيا الجهليل ريشا، ۽ مئل جيو گهرڙن جون ڳنڍيون موجود هيون.

اڄڪلهه جي ترقي يافته دؤر ۾ جيئرن ماڻهن ۾ به ان قسم جون خرابيون آسانيءَ سان ڏسي سگهجن ٿيون.

ڪمپيوٽرائيزڊ ٽوموگرافي- ميگنيٽنگ رينوسينس اميجنگ - (ايم- آر- آئي) جي ايجادن سان دماغي کوپڙي کولڻ بغير دماغ جي سرشتي جي خرابي کي تصوير يا اسڪرين ذريعي ڏسي سگهجي ٿو.

الزهائيمرز جي پهرين ۽ اهم علامت يادداشت گم ٿي وڃڻ آهي. اسان مان

**ڪمپيوٽرائيزڊ ٽوموگرافي- ميگنيٽنگ رينوسينس اميجنگ - (ايم- آر- آئي) جي ايجادن سان دماغي کوپڙي کولڻ بغير دماغ جي سرشتي جي خرابي کي تصوير يا اسڪرين ذريعي ڏسي سگهجي ٿو.**

اڪثر سيني سان ائين ٿيندو آهي ته ڪنهن ڪم سان ڪمري ۾ ويندا آهيون ۽ وڃڻ سان وسري ويندو آهي ته ڪهڙي ڪم لاءِ آيا هئاسين. دماغ تي زور ڏيڻ ڪانپوءِ به جڏهن ڪم ياد نه اچي ته پاڻ کي پاڻ چوڻ لڳندا آهيون ته ڪٿي مان چريو ته نه ٿي ويو آهيان ۽ جواب يقيناً "نه" ۾ هوندو آهي.

عمر جي وڌڻ سان اسان جي يادداشت گھٽجڻ لڳندي آهي ۽ خاص طور تي 50 کان وڌ وارا ماڻهو گھڻو ڪري حافظي جي ڪمزوري جي شڪايت ڪندا نظر ايندا آهن. جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه ناهي- ۽ ان جو عام طور تي الزهائيمرز سان ڪوبه تعلق ناهي.

سائنسدانن جو خيال آهي ته اسان جي يادداشت جي گهٽ ٿيڻ جو تعلق دماغ ۾ موجود گهرڙن سان آهي جيڪي وقت سان گڏ گهٽجڻ لڳن ٿا ۽ ڪڏهن ته هڪ ڏينهن ۾ هزارين گهرڙا مرڻ لڳن ٿا ۽ ان کان به هڪ حيرت انگيز ڳالهه اها آهي ته 90 ورهين جي ڄمار ۾ انسان جي مغز جو پنجون حصو سُسي وڃي ٿو ۽ اسان جي جسم جي ٻين حصن جي گهرڙن جيان دماغ جا گهرڙا ٻيهر جنم نٿا وٺن.

90 ورهين جي ڄمار ۾ اسان جي دماغ ۾ ايترا گهرڙا موجود هوندا آهن جُو معمول جون ڳالهيون بس ياد رکي سگهجن. ان جو سبب دماغ ۾ يادداشت رکڻ لاءِ جڳهه جي ڪمي نه آهي بلڪ جيو گهرڙن جو پاڻ ۾ مواصلاتي رابطو مدهم ٿي وڃڻ آهي، جيڪو ڪجهه ڪيميائي مادن جي خارج ٿي وڃڻ ڪري ٿيو وڃي.

اهڙي مريض کان جيڪڏهن ماضي متعلق ڪو سوال ڪيو وڃي ته دماغ تي گهڻي زور ڏيڻ بعد ڪجهه ڪجهه ٻڌائي سگهندا. جڏهن ته اڳتي هلي ٻاهر نڪرڻ تي ڪائنن گهر ۽ ان جو رستو به وسريو وڃي ايسين جو مريض گهرو ڀاتين کي به سڃاڻڻ کان ويندو آهي.

*سائنسدانن جو خيال آهي ته اسان جي يادداشت جي گهٽ ٿيڻ جو تعلق دماغ ۾ موجود گهرڙن سان آهي جيڪي وقت سان گڏ گهٽجڻ لڳن ٿا*

الزهائيمرز جي شروعاتي علامتن ۾ طبعيت ۽ شخصيت جي تبديلي به شامل آهي.

مريض غمزده ۽ خاموش رهڻ لڳي ٿو، ان ئي وقت روئيندو ته ان ئي وقت اکيون ڏيکارڻ ۾ دير ناهي ڪندو. مطلب ته صبر ۽ ضبط جي ٻنڌڻ کان آزاد ٿيو وڃي.

ان مرض ۾ يادداشت وڃڻ کان پٺي تي انحصار ڪرڻ تائين تقريباً ست سال لڳي وڃن ٿا.

### اِهو مرض ڇو ٿو ٿئي؟؟؟

برطانوي سائنسدانن موجب هڪ خاص قسم جي پروٽين جي گهٽائي جي موجودگي دماغ ۾ هئڻ آهي. جنهن کي "بيٽاايمي لوئڊ" چيو وڃي ٿو.

چيو وڃي ٿو ته اهائي پروٽين اعصابي خلين کي ختم ڪرڻ ۽ پگهرائڻ جو سبب ٿئي ٿي، جنهن ڪري الزهائيمرز جو وجود ۾ اچڻ جو سبب ٿئي ٿو. جڏهن ته رڳو ان کي ئي الزام نٿو ڏئي سگهجي. ڇاڪاڻ ته "بيٽا ايمي لوئڊ" صحت مند دماغن ۾ به پيدا ٿيندو آهي. ان پروٽين جو مقصد گمشده خلين کي ٻيهر تيار ڪرڻ هوندو آهي.

وڏي عمر وارن جا دماغ اها پروٽين گهٽي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ دماغي خلين جي گهٽجڻ تڪڙو ٿيندو آهي.

الزهائيمرز ٿيڻ لاءِ "اليومينيم" تي به الزام ڏنو ويو آهي. چيو وڃي ٿو ته متاثره دماغن ۾ المونيم جي گهٽائي ڏٺي وئي آهي.

عام طور تي جن مريضن جا گرده بيڪار ٿيو وڃن، انهن کي زنده رهڻ لاءِ مشيني گردن جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. جنهن کي "ڊايالائسس" چئبو آهي. اهو هڪ تڪليف ده عمل آهي، جنهن ۾ مريض جي جسم جو سمورو رت مشين ذريعي صاف ڪيو ويندو آهي. ڪجهه وقت اڳ انهي عمل دوران مريض عجيب

**الزهائيمرز جي شروعاتي علامتن ۾ طبعيت ۽ شخصيت جي تبديلي به شامل آهي. مريض غمزده ۽ خاموش رهڻ لڳي ٿو، ان ئي وقت روئيندو ته ان ئي وقت اکيون ڏيکارڻ ۾ دير ناهي ڪندو. مطلب ته صبر ۽ ضبط جي ٻنڌڻ کان آزاد ٿيو وڃي.**

**تازي سروي موجب اها بيماري دنيا جي انهن خطن ۾ عام آهي جتي پاڻي ۾ المونيم جي مقدار گهٽي آهي.**

وقلجڻ واريون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ ائين لڳندو هو تہ انهن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي ۽ جڏهن "ڊايالائيسس" جي محلوس مان المونيم کي خارج ڪيو ويو تہ مريضن جي اها ڪيفيت درست ٿي وئي.

جنهن مان انهي شڪ کي پڪ ملي تہ المونيم دماغي خلل جو سبب آهي.

تازي سروي موجب اها بيماري دنيا جي انهن خطن ۾ عام آهي جتي پاڻي ۾ المونيم جي مقدار گهٽي آهي.

ٻي طرف ماهرن جي خيال موجب تباهہ ٿيل خليا صحت مند خلين جي بنسبت گهڻي المونيم جذب ڪن ٿا. تڏهن ئي سندن دماغن ۾ انهي جي گهڻائي آهي.

هڪ ٻيو بہ نظريو انهي بيماري متعلق مشهور آهي تہ اها بيماري ڪنهن اهڙي "وائرس" تحت ٿئي ٿي جيڪو آهستي آهستي پنهنجو ڪم ڏيکاري ٿو.

اهڙي قسم جو هڪ وائرس هونءَ بہ هڪ دماغي بيماريءَ "ڪروز فيلٽ جيڪب ڊزيز" ۾ پنهنجو ڪم ڏيکاري چڪو آهي جيڪو ڪڏهن تہ پنجاهہ ورهيہ جسم ۾ ٻي- هس رهڻ بعد بہ ڪم ڏيکارڻ شروع ڪندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن دماغي ڌڪ بہ انهي بيماري جو سبب بڻجيو پون. چاڪاڻ تہ باڪسرن جي دماغن ۾ بہ ڌڪن ۽ رت وهڻ سبب ساڳيون ڳنڍيون ۽ ڳوڙهيون ڏٺيون ويون آهن. جيڪي الزهائيمرز جي مريضن ۾ هونديون آهن. پر ان جو ڪو ثبوت ناهي مليو.

جڏهن بيماري جي وجهہ معلوم نہ هوندي تہ علاج ناممڪن آهي ۽ علاج ناممڪن هجي تہ بيماري سزاء موت بڻجيو پوي.


# بيروزگار ڊاڪٽرن لاءِ خوشخبري

ڪراچي جي پرامن علائقي لياري ۾ بي روزگار ڊاڪٽرن لاءِ پرائيويٽ ڪلينڪن تي نوڪري جا سنهري موقعا.

چند سيٽن لاءِ - پهريائين اچو پهريائين وٺو جي بنياد تي جلد رابطو قائم ڪريو.

رابطي جو وقت شام 6 وڳي کان رات 11 وڳي تائين

**رابطي جو پتو:**

ثناء ڪلينڪ نزد جونا مسجد، نيوڪلري،

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي روڊ، لياري، ڪراچي

فون نمبر 7526716

کرڻ گهرجي. پٺن کي لچڪدار ۽ آرام ده حالت ۾ آڻڻ جون ورزشون آهستي آهستي ۽ بتدريج ڪرڻ گهرجن. هي عمل هر پير تي ٽن کان پنج دفعا آزمايو.

## ڪهڙي رفتار سان هلڻ گهرجي

هڪ مريض کي ڪهڙي رفتار سان هلڻ گهرجي ان جو انحصار ان جي دل جي ڌڙڪڻ جي شرح تي آهي. دل جي ڌڙڪڻ جي اها شرح في منٽ جي حساب سان لڳائي ويندي آهي. جيڪا دل ۽ ڦڦڙن جي لاءِ مناسب هجي. توهان جي دل جي ڌڙڪڻ جي مناسب رفتار ڇا هجڻ گهرجي ان جو تعلق توهان جي عمر ۽ دل جي ڌڙڪڻ جي وڌيڪ رفتار سان هوندو آهي. سڀ کان پهريان پنهنجي نبض جي رفتار معلوم ڪيو. نبض جي رفتار معلوم ڪرڻ جي لاءِ هڪ هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي ڪارائي تي رکو ۽ ڪلاڪ گهڙي جي سيڪنڊ واري سوئي تي نظر رکو. 15 سيڪنڊن تائين نبض جي رفتار معلوم ڪيو ۽ ان کي چئن سان ضرب ڏيو جنهن سان دل جي رفتار جي في منٽ شرح معلوم ٿيندي يا پورو منٽ نبض ڳڻيو. ڪنهن ماڻهوءَ جي دل جي رفتار جي وڌ ۾ وڌ شرح جو اندازو به آساني سان لڳائي سگهجي ٿو. دل جي رفتار 220 في منٽ مان توهان پنهنجي عمر ڪٽڻ کانپوءِ دل جي رفتار جي وڌ کان وڌ شرح معلوم ڪري سگهو ٿا. مثلاً هڪ 50 سال جي عمر جي ماڻهوءَ جي وڌيڪ کان وڌيڪ شرح 170 في منٽ (220-50=170) هجڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي دل جي رفتار جي گهربل شرح معلوم ڪريو جنهن جي لاءِ وڌ کان وڌ دل جي رفتار جي شرح 0.6 ۽ 0.8 سان ضرب ڏنو ويندو آهي جيئن ته هڪ 50 سال عمر جي ماڻهوءَ جي لاءِ دل جي رفتار جي محفوظ شرح 102 کان 136 ڌڙڪڻ في منٽ (0.6X170=120) (0.8X170=136) يعني هجڻ گهرجي.

## شروعات ڪريو

دل جي رفتار جي موزون شرح جو طريقو معلوم ڪرڻ کان پوءِ توهان پنڌ هلڻ جو عمل شروع ڪري سگهو ٿا. شروع ۾ پنڌ هلڻ جي رفتار کي سست رکو ۽ بتدريج انهي رفتار ۾ اضافو ڪندا وڃو.

جيئن ئي توهان آخري رفتار تائين پهچو پنهنجي نبض جي رفتار معلوم ڪيو جيڪڏهن نبض جي رفتار جي شرح محفوظ شرح کان گهٽ آهي ته توهان پنڌ هلڻ جي رفتار کي وڌائي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن نبض جي رفتار جي شرح محفوظ شرح کان وڌيڪ ٿي وئي آهي ته توهان پنهنجي رفتار گهٽ ڪيو. توهان دل جي رفتار کي محفوظ شرح جي دائري ۾ رکندي 30 کان 40 منٽ تائين پنڌ هلي سگهو ٿا. شروع شروع ۾ هر پنجن منٽن جي وقفي سان پنهنجي نبض جي رفتار ڏسندا رهو. جيئن جيئن توهان پنهنجو پاڻ کي چاق چگو پلو محسوس ڪندا توهان جي تيز هلڻ جي صلاحيت به وڌندي ويندي ۽ توهان جي دل. رفتار جي محفوظ شرح کي به قائم رکي سگهندي.

پنڌ هلڻ دوران هڪ ڳالهه جو خيال رکو ته توهان جو جسم صحيح زاويي سان حرڪت ڪري رهيو آهي.

پنهنجي چيلهه کي سڌو رکو. زمين ۾ ڏسڻ بدران پنهنجي سامهون ڏسو ۽ ٻانهن کي به اڳتي پٺتي حرڪت ڏيو.

پنڌ هلڻ دوران جسم جي حرڪت ۾ گهٽ وڌاءَ کي به نظر ۾ رکو ڏکيون ڏکيون وکون کڻي پنڌ هلڻ وڌيڪ سٺو آهي. شروع ۾ هموار زمين تي پنڌ ڪيو. پر جيئن جيئن توهان جي صحت اجازت ڏئي ته توهان ڪنهن ننڍڙي جبل تي به چڙهي سگهو ٿا پنڌ هلڻ جو عمل شروع ڪرڻ کان پهريان ۽ پوءِ پاڻي چڱي مقدار ۾ پيئڻ گهرجي ۽ گرمي جي ڏينهن ۾ وچ ۾ به پاڻي پيئڻ گهرجي.

## ڪجهه خاص هدايتون

ذيابيطس کان متاثر ڪجهه مريض ناقص خون جي دوري ۽ اعصابي پيچيدگين جي ڪري پيرن جي خرابي جو شڪار ٿي ويندا آهن پنڌ هلڻ جو عمل پيرن ۾ خون جو دورو بهتر بڻائڻ جو هڪ مفيد ذريعو آهي. جيڪڏهن مريض ۾ اعصابي پيچيدگي به موجود آهي ته انهن مريضن کي احتياط جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي اهڙن مريضن کي پيرن ۾ ڪنهن به زخم يا ڌڪ کان بچڻ گهرجي. نه صرف اهو ته مريض جا جوتا آرام ده هجن پر پنڌ هلڻ جي خاتمي تي هر پيري پنهنجي پيرن جو معائنو ضرور ڪيو.

پنڌ هلڻ جي ڪري جيڪڏهن توهان جي پيرن تي سوڄ، ڪرنڊي يا ڦرڙيون ٿيون آهن ته انهي عمل کي روڪي ڇڏيو ۽ فوراً پنهنجي ڊاڪٽر سان مشورو ڪريو.

# ڪي.ڊي.اي ٽينڊر نوٽيس

ڪي.ڊي.اي جو پرچيز آفيسر، بونا فائيڊ ڪليئرنگ ۽ فارورڊنگ ايجنٽس کان، امپورٽيڊ اسٽورس، مشينس ۽ ايڪيوپمنٽس وغيره جي ڪليئرنس ۽ ٽرانسپورٽيشن واسطي ڪليئرنگ ايجنٽ طور ٽن سالن جي عرصي واسطي تقرري لاءِ مهربند ٽينڊر گهرائي ٿو. باقاعدگي سان مقرر ڪيل ٽينڊر جنهن جو نمبر ڪي.ڊي.اي / پي.ايس / ڪليئرنگ ايجنٽ / 95-96 آهي، سندس آفيس واقع ڇهين (6) ماڙ سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي ۾ 10 جنوري 1996 جي صبح 11 وڳي تائين ورتا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن تي صبح جو 30-11 وڳي، اگر ڪي ٽينڊر پريندڙ موجود هوندا ته انهن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.

ٽينڊر سان گڏ =/10,000 روپين جي سوٽي رقم، پي آرڊر جي صورت ۾ ڏيڻي پوندي. سوٽي رقم کانسواءِ پهتل ٽينڊر تي ڪوبه غور نه ڪيو ويندو. چيڪ به قابل قبول نه هوندو.

ڪامياب ٽينڊر پريندڙ کي هن اٿارٽي سان =/20 روپين جي ماليت واري اسٽامپ پيپر (اين.جي) مٿان معاهدي تي صحيح ڪرڻي پوندي. ايگريمنٽ صحيح ڪرڻ کان اڳ ۾ 3 سالن جي مدي تائين جاري رهندڙ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ وٽان =/50,000 روپين جي بئنڪ گرنٽي ڏيڻي پوندي.

ڪامياب ڪليئرنگ ايجنٽ سان مٿيون معاهدو ڪنهن به قسم جي شرط / ٺوري کان آجو هوندو، اهڙي صورت ۾ جڏهن انهن وٽان ڪنهن به قسم جي ڪنسائينمنٽ ڪليئر ڪرائڻ جي ضرورت نه پوي.

شرطن ۽ ضابطن سوڌا ٽينڊر فارم، ڪيش برانچ ڪي.ڊي.اي، گرائونڊ فلور سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي وٽان هو هڪ سيٽ لاءِ =/100 روپين جي ادائيگي (ناقابل واپسي) سان 1996-1-2 جي صبح جو 11 وڳي تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ڪي. ڊي. اي ڪنهن به ٽينڊر يا ان جي ڪنهن حصي کي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو بنا ڪنهن سبب ٻڌائڻ حق محفوظ رکي ٿي.

ڪي.ڊي.اي-86
انفرميشن / ڪراچي 4985/95

**ملي وحدت باوقار زندگي جي ضامن آهي**

# ڪي.ڊي.اي ٽينڊر نوٽيس

ايگزيڪيوٽو انجنيئر گلشنِ جوهر ڊويزن نمبر-1 ڪي.ڊي.اي اسڪيم-36، ڪي.ڊي. وٽان تسليم ٿيل اهڙن ٺيڪيدارن، جن سالن 95-1994 لاءِ پنهنجي تجديدي في جمع ڪرائي هجي، ڪان هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ پرسنٽيج بنسز تي فارم (سي.پي.ڊبليو.ڊي-7) تي مهر بند ٽينڊر گهرائي ٿو. ٽينڊر 1996-1-10 جي صبح جو 11 وڳي ڪان بعد وصول نہ ڪيا ويندا. وصول ٿيل ٽينڊر ساڳئي ڏينهن تي صبح جو 11 وڳي اسٽاف انجنيئر (ڊولپمنٽ) جي ڪمري واقع ڪمرو نمبر 403، چوٿين ماڙ سوڪ سينٽر ڪي.ڊي.اي ڪراچي يونيورسٽي روڊ ڪراچي وٽ کوليا ويندا.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٽيل رقم | سوٽي رقم |
|---|---|---|---|
| 1. | 40 فوٽ ويڪري روڊ جي ڏيڍ انچ ڪارپيٽ، پلاٽ نمبر ايس.ٽي A-7 ۽ ايس. ٽي-13 بلاڪ نمبر-3، ڪي.ڊي.اسڪيم نمبر-36 کي پهچ (اپروچ) ڏيڻ لاءِ. | 5,39,837.00 روپيا | 10,797.00 روپيا |

ٽينڊر ڊاڪيومنٽس هر هڪ =/750 روپين (صرف ست سؤ پنجاهہ روپين) جي ملهہ سان ڪيشيئر (ڊولپمنٽ) ڪي.ڊي.اي وٽان 1996-1-8 تي يا ان کان اڳ، پي آرڊر جي صورت ۾ سوٽي رقم جمع ڪرائڻ بعد خريد ڪري سگهجن ٿا.
ڪم جا تفصيل ۽ نقشا وغيره ايگزيڪيوٽو انجنيئر گلشن جو هر ڊويزن نمبر-1، 10 ايم. جي رزروائر، سامهون يونيورسٽي ڪئمپس ڪراچي-32 جي آفيس ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
اٿارٽي بنان ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي ڪنهن بہ هڪ يا مڙني ٽينڊرن کي رد ڪرڻ يا ڪنهن ٽينڊر کي مڃڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

صحيح
ايگزيڪيوٽو انجنيئر گلشن جوهر
ڊويزن نمبر-1 اسڪيم نمبر 36
ڪي.ڊي.اي

ڪي.ڊي.اي-85
انفرميشن / ڪراچي 4986/95

مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿان ۽ واتان ٻيو مسلمان محفوظ رهي
(فرمان رسول)

# WIN

# 1 CRORE

**WITH A NATIONAL PRIZE BOND OF RS. 10,000**

Encashable at any time

| 1st Prize | 2nd Prize | 3rd Prize |
|---|---|---|
| Rs. 1 CRORE | 5 PRIZES OF Rs. 10 LAKHS EACH | 20 PRIZES OF Rs. 5 LAKHS EACH |

**Prize money payable immediately after the draw. First draw will be held on 15-3-96**

**On sale at State Bank of Pakistan and all scheduled banks**

Issued by: Government of Pakistan - Ministry of Finance

**CENTRAL DIRECTORATE OF NATIONAL SAVINGS**

CDA BLOCK NO. I, ISLAMABAD PHONE: 829828 CABLE: CENSAVE

TELEX: 5730 SAVE-PK FAX: 92-51-825368

# حُسن کی پہچان ۔ مُلائم جِلد!



"حُسن کے لئے نرم و ملائم جِلد ضروری ہے۔ اِس لئے میں ہمیشہ صرف پونڈز کولڈ کریم پر ہی اعتماد کرتی ہوں ۔ پونڈز کولڈ کریم اپنی بہترین کوالٹی کی وجہ سے خاص طور پر سرد موسم میں خشک جِلد کو نرم، ملائم اور خوبصورت بناتی ہے۔

آپ بھی میری طرح روزانہ پونڈز کولڈ کریم استعمال کریں۔ پہلی بار دن بھر کے اثرات صاف کرنے کے لئے اور دوسری بار حُسن کے نکھار کے لئے۔"

POND'S
Cold Cream

خُشکی دور ، جِلد مُلائم




POND'S · Vaseline · Intlab · POND'S